# شهنشاهه جلال الدين محمد اڪبر

---

سنڌيڪار: زاهده شيخ

(هندستان جو هاڪارو شهنشاهه اڪبر اعظم، مصري شهنشاهه امين هوتيپ، ايراني شهنشاهه دارا پهرئين ۽ هندستاني شهنشاهه اشوڪ اعظم جهڙن عالمي انساني تاريخ جي چونڊ جڳ مشهور، اڻ لڀ، غيرتعصبي، فراخ دل، روشن خيال ۽ انسان دوست حاڪمن منجهان هڪ هو. هن کي احساس هوندو هو ته سندس جنم ڀومي عمرڪوٽ، سنڌ هئي. ان ڪري هو پنهنجي حساب سان سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جو خيال رکندو هو. تاريخ ظاهريءَ ۾ ڇاڻايل آهي ته هڪڙي ڀيري ڪن جاهلن سندس دربار ۾ مارئيءَ جي شان ۾ گستاخي ڪئي ته هن ان ڳالهه کي خود پنهنجي شان ۾ گستاخي ڪري ليکيو ۽ گستاخن کي سخت سزا ڏنائين. سندس خاص الخاص صلاحڪار ٻه ٽي هاڪارا هرفن مولا، عالم، دانشور، سفارتڪار مدبر سنڌي هئا. يعني سيوهڻ جو يگانو عالم شيخ مبارڪ ۽ سندس جڳ مشهور فرزند شيخ ابوالفضل ۽ شاعر علامه فيضي.

هيٺ اڪبر اعظم جي ٻن همعصرن جا سندس باري ۾ رايا پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪجن ٿا.)

# منهنجو بابا

## شهنشاهه جهانگير

**آئون 17 ربيع سن 977ھ (برابر 31 آگسٽ 1569ع) تي اربع ڏينهن ڄائس، جنهن وقت مون هن دنيا ۾ پير پاتو اهو اڌ رات جو وقت هو. . . . .**

**دانيال جي ڄمڻ کان پوءِ منهنجي ويڄي ماءُ بيبي دولت شاد کي هڪڙي ڌيءَ ڄائي، بابا سائينءَ ان جو نالو شڪرالنساء بيگم رکيو، شڪرالنساء بيگم بابا جي نظرداريءَ ۾ ڇانو ۾ پلي، تنهنڪري هوءَ تمام گهڻي اخلاق واري هئي. هن جون عادتون ڏاڍيون سنيون هيون ۽ ڪيس سيني ماڻهن سان همدردي هوندي هئي. ننڍپڻ**

کان ئي هوءَ مونکي ڏاڍو پيائيندي هئي. جيڏو شڪرالنساء بيگم ۾ منهنجي وچ ۾ پيار هوندو هو اوڏو پيار ڪنهن ٻئي ياءُ پيڻ وچ ۾ گهٽ هوندو.

ڪجھ وقت کان پوءِ منهنجي ماءُ بيبي دولت شاد ڪي ٻي ڏيءَ جائي. بابا سائينءَ ان جو نالو ارم بانو بيگم رکيو، هوءَ تيز ۾ چيڙاڪ طبيعت جي هئي. بابا ارم بانو بيگم کي ڏاڍو پيائيندو هو. هنجي گستاخيءَ ۾ بدتميزيءَ کي ڏاڍي سهڻي نموني سهندو هو ۾ متس ڪڏهن ڪونہ ڪاوڙجندو هو، ارم بانو بيگم سان هن جي محبت ۾ ڪڏهن بہ ڪا گهٽتائي ڪانہ آئي.

بابا سائينءَ کوڙ ڀيرا محبت ڀرئي انداز ۾ مونکي چيو تہ ”بابا! منهنجي خاطر منهنجي مرڻ کان پوءِ پنهنجي ننڍي ڀيڻ، منهنجي لاڏلي ڏيءَ ارم بانو بيگم سان ائين ئي مهربان هلجانءِ جيئن آئون ٿو هلانس، هن جون گستاخيون برداشت ڪجانءِ ۾ سندس بي ادبيءَ ۾ بدتميزيءَ کي نظرانداز ڪري ڇڏجانءِ.“

منهنجي احترام جوڳي بابا سائينءَ ۾ خوبيون ايڏيون گهڻيون هيون جو انهن جي جيتري تعريف ڪجي اها گهٽ ٿيندي. پنهنجي پيءُ جي باري ۾ هر پٽ جي دل ۾ جيڪي محبت ۾ عزت ڀريا جذبا هوندا آهن تن کي پنهنجي ذهن مان ٻاهر ڪڍي، آئون ڪنهن بہ وڌاءَ کان سواءِ چوان ٿو تہ جيڪڏهن بابا جي ڪمن ۾ ڪردار جي تعريف ۾ ڪي ڪتاب لکيل هجن ها تہ انهن ڪتابن ۾ هن جي خوبين مان فقط ڪي ٿوريون خوبيون بيان ٿي سگهن ها.

جيتوڻيڪ هو شهنشاهہ هو، وٽس تصور ۾ ڪُٿپ کان ٻاهر مال، خزانا، جنگي هاٿي ۾ عربي گهوڙا هئا. پر هو سدائين خدائي بادشاهيءَ اڳيان نياز ۾ نوڙت سان پيش ايندو هو ۾ پاڻ کي خدا جي مخلوق مان سڀني کان گهٽ درجي جو سمجهندو هو، هو زندگيءَ جي ڪا هڪڙي گهڙي بہ خدا جي ياد کان غافل نہ رهيو. (شعر)

”هميشہ هر هنڌ ڪنهن سان بہ گڏ هجو ۾ ڪهڙي حالت ۾ بہ هجو،
پنهنجي اندر جي اک سان پنهنجي محبوب کي ڏسندا رهو.“

دنيا جي ٻين اڪثر ملڪن جي ابتڙ هن جي وڏي ۾ وسيع حڪومت ۾ دنيا جي هر عقيدي ۾ مذهب جي ماڻهن لاءِ جڳھ هئي. ائين نہ تہ جيئن شيعن لاءِ گنجائش رڳو ايران ۾ آهي ۾ ترڪي، هندستان ۾ وچ ايشيا ۾ سواءِ سنين جي ٻين لاءِ ڪابہ گنجائش ڪانهي.

هن جي ڪشادي شهنشاهيت جنهن جون سرحدون سڀني طرفن کان سمنڊ تائين ڦهليل هيون، تنهنجو اصول هو تہ سج جي روشنيءَ وانگر ڇانو سڀني جي ملڪيت آهي. ان شهنشاهيت ۾ مخالف مذهبن جي عالمن ۾ عقيدتمندن، سنن

توڙي برن لاءِ جڳهه هئي. تعصب ۽ اسهپ لاءِ ڪابه گنجائش ڪانه هئي، شيعه ۽ سني هڪئي مسجد ۾ نماز پڙهندا هئا ته عيسائي ۽ يهودي ساڳي چرچ ۾ عبادت ڪندا هئا. بابا سدائين صلح ڪُل جو پوئلڳ رهيو، هن سيني عقيدن، فرقن ۽ مذهبن جي سنن ماڻهن سان تعلق قائم رکيو ۽ جنهن جي جيتري قابليت ۽ ڄاڻ هوندي هئي، ان ڏانهن اوترو ڌيان ڏيندو هو. هو راتين جو جاڳي گذاريندو هو، ڏينهن جو به گهٽ سمهندو هو، سڄي ڏينهن ۽ رات ۾ ڇئن ساڍن ڇئن ڪلاڪن کان وڌيڪ نه سمهندو هو، راتين جو جاڳي هو ڪونه ڪو نئون علم حاصل ڪندو هو ۽ پنهنجي زندگي وڌيڪ ڪارائتي بنائيندو هو، ايڏو بهادر ۽ همت وارو هيو جو مست هاٿين تي سواري ڪندو هو.

بابا سائين هر مذهب ۽ عقيدي جي عالمن سان ملندو رهندو هو، خاص ڪري پنڊتن ۽ هندستان جي عالمن سان. توڙي جو هو اڻپڙهيل هو، پر هن کي چڱي طرح معلوم هو ته هو جن به عالمن ۽ دانائن سان سدائين ملندو جلندو ۽ گفتگو ڪندو هو تن مان ڪنهن به هنڪي اڻ پڙهيل ڪونه ٿي سمجهيو. هو شعر ۽ نثر لکڻ جي فني باريڪين ۽ نزاڪتن جو ايڏو ڄاڻو هو جو ڪوبه ماڻهو اهو تصور ئي نٿي ڪري سگهيو ته ڪو بابا اڻپڙهيل آهي.

بابا سائين قد جو وچٿرو هو پر ڪيس ڊگهو به چئي سگهجي ٿو، هو ڪڻڪ رنگو هو ۽ اکيون ۽ پرون ڪارا هئس. نقش سنها ۽ خوبصورت هئس. ڇيلهه سنهي ۽ ڇاتي ويڪري هئس، هٿ ۽ ٻانهون ڊگهيون هئس، نڪ جي ڪاٻي پاسي مٽر جي اڌ جيترو حسو هوس، جيڪو ڏاڍو نهندو هو. هن جو شاهاڻو آواز ڏاڍو گونجدار هو ۽ ڪيس تقرير توڙي گفتگو ۾ پنهنجي آواز تي مڪمل ڪنٽرول هو. بابا سندس عملن ۽ ڪردارن مان هن دنيا جي ماڻهن جهڙو لڳندو ئي ڪونه هو. هن مان هڪڙو قدرتي نور پيو ٽمندو هو.

●●●

# غريبن جو يار اڪبر بادشاهه

پادري پيئري دوجارڪ

(1448ع ۾ جنهن ڏينهن پورچوگيز ساموندي سپهه سالار واسڪوڊي گاما هندستان جي ڏاکڻي ساموندي ڪناري واري بندر ڪئليڪٽ تي اچي پهتو، تنهن ڏينهن کان وٺي پين يورپي فوجي ۽ غيرفوجي مسافرن سان گڏ پورچوگيز ۽ عيسائي

پادري پنهنجي دين جي تبليغ لاءِ هندستان اچڻ شروع ٿيا، هي بيحد تنگ دل ۽ ڪٽر قسم جا مذهبي ماڻهو هئا جن کي ٻئي ڪنهن عقيدي يا مذهب جي هر ڳالهه ۽ ماڻهو لاءِ دل ۾ شديد نفرت ۽ حقارت هوندي هئي.

پورچوگيز پادري پيئري دوجارڪ اهڙن پادرين مان هو جيڪي اڪبر جي دور ۾ هندستان آيا، ساڻس مليا ۽ اچرج ۾ پئجي ويا، ٻين سيني مذهبي ماڻهن وانگر هن کي ب پڪ هئي ت سندس پنهنجي مذهب ۽ فرقي جا ماڻهو بهشت ۾ ويندا ۽ ٻيا سڀ دوزخ ۾.

اڪبر جي روشن خيالي ڏسي گهڻن پادرين کي اميد پئي ٿي ت هو عيسائي ٿي ويندو ۽ جڏهن ائين ن ٿيو تڏهن هو ڏاڍا مايوس ٿيا. پادري پيئري دوجارڪ ب انهن منجهان هو.

انهن پادرين هندستان جي حالتن، ماڻهن ۽ حاڪمن بابت پنهنجا تاثر قلمبند ڪيا جن جو علمي معيار، باوجود سندن ڪٽرپڻي ۽ تنگ نظريءَ جي ڪافي بلند آهي. پادري پيئري دوجارڪ اڪبر جي وفات تي جيڪو تاثر لکيو آهي، تنهنجو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو، پڙهندڙ نوٽ ڪندا ت هن اڪبر کي اهو "ڪبيرو گناهه" بخش ن ڪيو آهي ت هھڙو روشن خيال ۽ اعلىٰ انسان هوندي ب هو پنهنجي آخرت آجي ڪرڻ، دوزخ کان بچڻ ۽ بهشت جو حقدار ٿيڻ لاءِ عيسائي ن ٿيو سو ن ٿيو.)

**شهنشاهه اڪبر اعظم مري چڪو آهي پر اجان ب سڄي اوير تي سندس دهشت ڇانيل آهي. اڪبر بادشاهه ان ڪري ٿي سگهيو جو ڪيس معلوم هو ت سنو حاڪم اهو آهي جنهن جي رعيت ساڳئي وقت سندس تابعداري ب ڪري ت سندس عزت ب ڪري، ساڻس پيار ب ڪري ۽ ڪانئس ڊڄي ب. هو سچ پچ عظيم هيو، عوام جو محبوب هيو، غريبن لاءِ ٻاجهارو ۽ مهربان هو، ننڍن توڙي وڏن سان، ڏيهين توڙي پرڏيهين سان، عيسائين توڙي مسلمانن ۽ ملحدن سان، سيني سان هڪجهڙو انصاف ڪندو هو، اڪبر جو انصاف ڏسي هر ماڻهو ائين سمجهندو ت بادشاهه منهنجي پاسي آهي.**

**اڪبر پنهنجي دوستن تي مهربان هوندو هو پر انهن کان پري رهندو هو، هو ڪنهن ب ماڻهو کي مارڻ جي خلاف هوندو هو تنهنڪري رحم ڪرڻ ۾ دير ن ڪندو هو، هن حڪم ڏيئي ڇڏيو هو ت جيڪڏهن مان ڪنهن ماڻهوءَ کي موت جي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪريان ت ان سزا تي ٽيستائين عمل ن ڪيو وڃي جيستائين مان ٽيون ڀيرو ان سزا تي عمل ڪرڻ جو حڪم ن موڪليان.**

**جيڪڏهن ڪنهن ب ڏوهاريءَ کي معاف ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪوب سبب ملي ويندو هو ت هو هڪدم انکي معاف ڪري ڇڏيندو هو ۽ سدائين ڏوهارين کي معاف ڪري خوش ٿيندو هو. جڏهن هو پنهنجي اميرن سان گڏ هوندو هو ت انهن تي**

حاوي هوندو هو ۽ ڪنهن بہ امير کي اها جرئت نہ ٿيندي هئي جو هن جي اڳيان ڪنڌ مٿي ڪٽي. پر غريبن سان هو صفا پنهنجو ٿي ويندو هو، غريبن لاءِ سخي ۽ ديالو هو، انهن جا عرض ۽ سندن دانهون ڌيان سان ٻڌندو هو. هو غريبن جون سوکڙيون خوشيءَ سان قبول ڪندو هو ۽ پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪائنئ اهي وني پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائيندو هو. پنهنجن اميرن طرفان آندل قيمتي سوکڙيون ڪائنئ پاڻ وٽڻ ۽ ڇاتيءَ سان لڳائڻ تہ پري رهيو پر هو ائين ڏيکاءُ ڏيندو هو ڄڻ سندس انهن سوکڙين تي نظر بہ ڪانہ پيئي آهي.

اڪبر ڪنهن مهل حڪومتي ڪمن ڪارين ۾ يا عوام جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ صفا محو لڳو پيو هوندو هو تہ ٻي گهڙيءَ ڏسبو تہ انن جا وار پيو ڪتريندو، پٿر پيو گهڙيندو، ڪاٺ پيو چيريندو يا لوھ پيو ڪُٽيندو، اهي سڀ ڪم اهڙي ڌيان سان ڪندو هو جو ائين لڳندو ڄڻ سندس اصلي ڌنڌا هئا ئي اهي! هو ڪائيندو ڏاڍو گهٽ هو، سال جي رڳو ٽن يا چئن مهينن ۾ گوشت ڪائيندو هو باقي ٻيو سڄو سال رڳو کير، ڇانورن ۽ منين شين تي گذارو ڪندو هو، هو رات جو ٽي ڪلاڪ کن مس ننڊ ڪندو هو. روزانو گهٽ ۾ گهٽ بہ پيرا عام ماڻهن جون درخواستون يا دانهون ٻڌندو هو ۽ ان لاءِ اڇي محلات جي دري وٽ ويهندو هو.

هن جي يادگيري ڏاڍي سني هئي، ڪيس پنهنجي سيني هاٿين جا نالا ياد هئا جيتوڻيڪ وٽس هزارين هاٿي هئا، ڪيس پنهنجن ڪبوترن، هرڻن ۽ ٻين جهنگلي جانورن جا نالا بہ معلوم هئا، اهي سڀ جانور هن پنهنجي مختلف باغن ۾ رکرايا هئا. هن پنهنجن گهوڙن جا بہ نالا رکيا هئا، هر روز ڪيترائي جانور ڪيس ڏيکارڻ لاءِ آندا ويندا هئا جن کي هو پنهنجي دريءَ مان ويهي ڏسندو هو، جيئن ئي ڪو جانور هن وٽان لنگهيندو هو تہ ان جانور کي سنڀاليندڙ جو نالو ڪيس پڙهي ٻڌايو ويندو هو. ان وقت هو ان ڳالھ ڏانهن خاص ڌيان ڏيندو هو تہ ڪهڙو جانور اڳي جي پيٽ ۾ ٿلهو ٿي ويو آهي ۽ ڪهڙو سنهو ٿي ويو آهي ۽ ان حساب سان ان جانور جي سنڀاليندڙ جي پگهار ۾ واڌارو يا گهٽتائي ڪندو هو.

جيتوڻيڪ اڪبر اعظم اڻپڙهيل هو پر پنهنجي سڄي شهنشاهيت اندر ٿيندڙ هر شئي کان مڪمل طرح باخبر هوندو هو، سيني پاسن کان سندس فوجن جا سپھ سالار ۽ سيني علائقن جا حاڪم هر مهيني ڏانهنس تفصيلي احوال لکي موڪليندا هئا ۽ ڪيس هر ان نئين شئي کان آگاھ ڪندا هئا جيڪا هو ٻڌندا يا ڏسندا هئا. روز جڏهن هو ٻيا سمورا ڪم لاهي وننڊو هو، تڏهن سندس سمهڻ کان اڳ ڪيس اهي خط پڙهي ٻڌايا ويندا هئا. سچ لٿي کان پوءِ اڪبر اعظم هڪڙي وڏي هال ۾ ويهندو هو جتي گهٽيئي ماڻهو سندس چوڌاري ويهندا هئا. انهن ماڻهن جي

ذميواري اها هئي تہ اهي ڪيس ڪتاب پڙهي ٻڌائين يا زباني ڪهاڻيون ٻڌائين. ان حال ۾ هو انهن پرڏيهين سان بہ ملندو هو جيڪي سندس دربار ۾ پهريون پيرو ايندا هئا. انهن پرڏيهين کان هو سندن حاڪمن ۽ ملڪ جي صورتحال، اتان جي رسمن رواجن، واپار ۽ ٻين ڳالهين بابت خبرچار وٺندو هو ۽ جيڪو ڪجهہ ڪيس ٻڌائيندا هئا سو سدائين ياد رهندو هوس.

ٻين ڪتابن سان گڏ اڪبر کي حضرت عيسىٰ جي زندگيءَ بابت محترم پادري زئوئير جو فارسي ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب بہ پڙهي ٻڌايو ويو هو، تنهنڪري هو حضرت عيسىٰ جو وڏو مداح هو ۽ سندس ذڪر تمام گهڻي عزت ۽ احترام سان ڪندو هو، پر هو ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو تہ مونکي پڪ آهي تہ حضرت عيسىٰ جا انڌن کي نظر ڏيڻ ۽ مئلن کي جيئارڻ وارا معجزا دراصل انساني ڪارناما آهن هو چوندو هو تہ حضرت عيسىٰ هڪڙو تمام زبردست ڊاڪٽر هيو. هن جي ذهن ۾ اهو خام خيال مسلمانن وهاريو هو.

اڪبر پنهنجي دور جي خوشقسمت بادشاهن مان هڪ هو، هو جنهن بہ شئي جي خواهش ڪندو هو اها ڪيس ملي ويندي هئي. هن پنهنجي پيءُ همايون بادشاهہ جي ڇڏيل بادشاهيءَ کي تمام گهڻو وڌايو، هن ڪشمير، سنڌ، گجرات، خان ديش، دکن جو وڏو حصو ۽ سڄو بنگال فتح ڪري پنهنجي شهنشاهيت ۾ شامل ڪيو، ائن ڏاڍو گهٽ ٿيندو هو جو اڪبر ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهي ۽ ان ۾ ڪاميابي نہ ماڻي. تنهنڪري سڄي اوير ۾ اها چوڻي عام ٿي وئي آهي تہ ”فلاڻو اهڙو ڀاڳ وارو آهي جهڙو اڪبر.“

پر هو سيني کان وڏيڪ اهم ۽ عظيم شئي حاصل نہ ڪري سگهيو، اها شئي آهي حقيقي خدا ۽ سندس اڪيلي پٽ حضرت عيسىٰ جي ڄاڻ جيڪو انسانذات کي بچائڻ لاءِ آيو (يعني عيسائي نہ ٿيو) تنهنڪري هو پنهنجين سمورين دنياوي ڪاميابين جي باوجود دائمي ايذائن (مرڻ جي عذابن) کان پاڻ بچائي نہ سگهيو.

●●●

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books